ڊاڪٽر ريحانه ملاح

# منٽو جي افسانن جا سنڌي افسانن تي اثر

# Influence Of Manto's Stories On Sindhi Short Stories

***Abstract:***

Literature is often the interpreter of societal issues, mores, culture and psychosocial tendencies. The 20th century was also a harbinger of the rapidly changing political landscape, from the Bolshevik Revolution of Russia to the Independence movements happening in much of the developing world, including South Asia, which inspired a different age of literature that depicted this new age reality. Saadat Hasan Manto is one such writer whose stories about the independence movement in India, it's partition into the modern republics of India and Pakistan portray the cultural, social, religious and political fault lines drawn in the aftermath of the Partition. Manto's stories have stood the test of time and continue to inspire contemporary writers working on similar issues. This article briefly analyzes the key themes of Manto's stories before discussing their impact on the writings of contemporary Sindhi literati.

ادب ۽ سماج جو پاڻ ۾ ويجهو ڳانڍاپو آهي. معاشي حالتون ۽ سماج ۾ رونما ٿيندڙ واقعا سماج سان گڏ ادب تي به اثر انداز ٿيندا آهن. جهڙي طرح ادب ۽ سماج هڪ ٻئي تي پنهنجا اثر وجهن ٿا. ساڳيءَ طرح اديب پڻ هڪ ٻئي جي تحريرن جو اثر وٺن ٿا. ڇو ته سماجي حقيقتون حساس اديبن ۽ شاعرن تي اثرانداز ٿينديون آهن. هر ليکڪ سماج جي مسئلن کي پنهنجي انداز سان پيش ڪندو آهي. گهڻو ڪري همعصر اديب به هڪٻئي جو اثر وٺندا آهن. ان کان علاوه مختلف ٻولين جا اديب هڪ ٻئي جي تحريرن ۽ موضوعن کان متاثر ٿيندا آهن ۽ ڪٿي وري ملڪي ۽ بين الاقوامي اديبن جا پڻ هڪ ٻئي جي فن ۽ فڪر تي گهرا اثر نظر ايندا آهن. سنڌ ۾ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪن جي تحريرن ۾ فڪر توڙي موضوعن ۾ هڪجهڙايون نظر اچن ٿيون. منهنجي هن تحقيقي مقالي جو مقصد مشهور اردو اديب سعادت

حسين منٽوءَ جي ڪهاڻين جو سنڌي ڪهاڻين تي پيل اثرن جو جائزو وٺڻ آهي.

منٽو اردو ادب جو اهو ليکڪ هو، جنهن کي تمام گهڻو پڙهيو ويو ۽ گڏوگڏ ان کي تمام گهڻي تنقيد جو نشانو پڻ بنايو ويو. منٽو جنهن دور ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي، اهو انگريزن جي حڪومت جو دور هيو، جنهن ۾ روسي انقلاب ظهور پذير ٿيو، جنهن عام ماڻهوءَ ۾ شعور سان گڏ مزاحمت جو جذبو پڻ جاڳايو. عوام ۾ پنهنجي سياسي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ انگريزن کان آزاديءَ وٺڻ لاءِ تحريڪون هليون، جن ۾ آزاديءَ جي تحريڪ کان علاوه ڪيترين ئي سماجي ۽ فڪري تحريڪون پڻ شامل هيون. اهو ئي سبب آهي جو ويهين صديءَ کي گڏيل هندستان ۾ شعور جي صدي ليکيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته اتي هر ظلم ۽ بربريت جي خلاف آواز بلند ٿيا هئا. ان دور ۾ ئي علم عام ماڻهن تائين پهتو. ماڻهو جڏهن جديد علمن کان متعارف ٿيا ته ڪائنات جا ڪيترائي لقاءَ ۽ راز علم ۽ عرفان جي مدد سان ظاهر ٿيڻ لڳا ۽ عام ماڻهن تائين انهن جي رسائي ڪتابن ذريعي ممڪن ٿيڻ لڳي. عام ماڻهو ان بابت سوال ڪرڻ ۽ ان نظام جي سرشتي تي بحث مباحثا ڪرڻ لڳا. جديد علم ماڻهن کي سوچ ۽ سمجهه جا نوان زاويا ڏنا ۽ انسان پنهنجي زندگيءَ جي آجپي لاءِ هر قسم جي جدوجهد لاءِ پاڻ پتوڙڻ شروع ڪيو. روس ۾ برپا ٿيندڙ ڪميونسٽ انقلاب 1917ع ڪمزور ۽ ڌتڙيل طبقن جي ماڻهن ۾ پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ تمام گهڻو جوش ۽ ولولو اڀاريو. ساڳي ئي دور ۾ ادب پڻ ميدان جنگ ۾ مورچي جو ڪردار ادا ڪيو. اديبن عام ماڻهن کي پنهنجي لکڻين ذريعي سماجي توڙي سياسي حق تلفين خلاف نه صرف شعور ڏنو، پر انهن کان نجات حاصل ڪرڻ جدوجهد تي پڻ آماده ڪيو. منٽو تي روسي انقلاب ۽ ادب جو وڏو اثر هيو. اهو ئي سبب هو جو هن پنهنجي ادبي ڪيريئر جي شروعات روسي ادب جي ترجمن سان ڪئي. هن گورڪي، چيخوف ۽ فرائيڊ کي ترجمو ڪيو ۽ ان بعد افسانه لکڻ شروع ڪيا. جيئن ته مٿي بيان ڪري آيا آهيون ته منٽو اردو ادب جو اهو افسانه نگار هو، جنهن کي وڏ ۾ وڏ تنقيد جو نشانو بنايو ويو، ڇاڪاڻ ته هن معاشري ۾ موجود گندگيءَ کي ڍڪڻ بجاءِ وائکو ڪيو ۽ مذهب ۽ اخلاقيات جي آڙ ۾ اڀوجهه ماڻهن کي جهڙي طرح غلام بنايو پئي ويو، هن ان تي به پنهنجي فن ۽ فڪر ذريعي وار ڪيو. گڏوگڏ سياسي مفادن هيٺ جهڙيءَ ريت عام ماڻهو جو استحصال ڪيو پئي ويو، ان استحصالي نظام تي بهھن پرپور طنز ڪئي، ۽ بي پهچ ۽ سماج جي نظرانداز ڪيل ماڻهن جو سگهارو آواز بنجي، سندن درد ۽ دانهن کي قلم ذريعي بيان ڪيائين. منٽو معاشري جي محڪوم، نادار ۽ هيٺئين طبقي جي ڪردارن کي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو. هن انهن ماڻهن جي نفسيات کي پرکي سندن اندر جي اجري

ڪردار ۽ انسانيت پرور روح کي ظاهر ڪيو ۽ ان مجبور طبقي سان وابسته ماڻهن جي مجبورين کي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بنائي، پڙهندڙن جي ذهن ۾ انهن لاءِ نه صرف نرم گوشو ۽ همدردي پيدا ڪئي، پر ان سان گڏوگڏ هن معاشري جي بظاهر نظر ايندڙ شريف ۽ صاف سٿرن ماڻهن جي منهن تان شرافت جا نقاب لاهي، سندن اندر لڪل غلاظتن کي ظاهر ڪيو ۽ انهن مفاد پرست ماڻهن جا اصل چهرا عام ماڻهن اڳيان پڌرا ڪيا، جنهن کي ڏسڻ لاءِ هو تيار ڪونه هئا. ان سبب هن تي غدار، ملحد ۽ فحش نگار هجڻ جا الزام لڳا ۽ نتيجي ۾ هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي ڪيسن کي پڻ منهن ڏنو. هڪ هنڌهو لکي ٿو ته:

*" مجھے آپ افسانا نگار کی حیثیت سے جانتے ہیں ، عدالتیں مجھے ایک فحش نگار کی حیثیت سے، حکومت مجھے کبھی کمیونسٹ کہتی ہے کبھی ملک کا بڑا ادیب ۔ کبھی میرے لئے روزی کے دروازے بند کیے جاتے ہیں تو کبھی کھول دیے جاتے ہیں۔"* ( منٽو، 1952، 253)

منٽو هر موضوع تي افسانه لکيا. پوءِ اهي سياسي موضوع هجن يا سماجي، مذهبي هجن يا عام رواجي، سندس شروعاتي افسانن تي نظر وجهجي ٿي ته اهي انگريز تسلط خلاف لکيل نظر اچن ٿا، جن ۾ ”نيا قانون“ “لائسنس“ ۽ ٻيا شامل آهن. ان کان پوءِ جيئن ته هندستان جو ورهاڱو عمل ۾ اچي ٿو، جيڪو بعد ۾ تاريخ ۾ هڪ المناڪ حادثي جي صورت اختيار ڪري ٿو وڃي. مذهب کي بنياد بنائي هڪ قوم کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڌار ڪيو ويو، جنهن سان نفرت جي اهڙي هوا پڙڪي، جنهن انسانيت مان ويساهه ئي ختم ڪري ڇڏيو. ورهاڱي کان پوءِ لڏپلاڻ ۾ پيش ايندڙ فسادن ۾ قتل و غارت، لٽ مار ۽ عزتن لٽجڻ جا جيڪي روح کي ڪنبائيندڙ يا دل ايذائيندڙ واقعا رونما ٿيا، منٽو ۽ ٻين ڪيترن ئي افسانه نگارن انهن واقعن کي پنهنجي افسانن جو موضوع بنايو، جن ۾ منٽو جا لکيل افسانه”شريفن“، “کول دو“، “دو قومي نظريه“، “هتڪ“، “ٽوبه ٽيڪ سنگهه “، “ٽيٽ وال ڪا ڪتا “وغيره شامل آهن، جيڪي انهن حالتن ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جي قبيح تصوير پيش ڪن ٿا. انهن افسانن سان گڏ منٽو سماج جي ڪمزور، ڌڪاريل طبقي يعني ڪوٺي تي ڌنڌو ڪندڙ عورتن کي پڻ پنهنجن ڪيترن ئي افسانن جو موضوع بڻايو، جن ۾ هن طوائف جي ڪردار، ان جي نفسيات ۽ انهن جي پنهنجي پيشي جون مجبوريون ۽ معاشري جي هنن کان نفرت ۽ ڌڪار ۽ ان جي ابتڙ وري اتي رهندڙ عورتن جو مذهب ۾ ايمان، انسانيت ۾ ويساهه ۽ سندن ڪردار جي خوش اخلاقي، عزتِ نفس، روايتن ۽ رسمن جي پابندي جي منظر ڪشي اهڙي ته اثرائتي نموني سان بيان ڪئي آهي، جو پڙهندڙن ۾ انهن ڪردارن سان همدرديءَ سان گڏ عزت ڪرڻ جو جذبو به پيدا ٿئي ٿو. شيخ اياز منٽو جي فن ۽ فڪر

بابت پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته "سعادت حسين منٽو هندستان جو ڊي. ايچ. لارينس آهي. هن جو چوڻ آهي ته "جيڪو ڪهاڻي ليکڪ طوائف خاني (وئشيا گهر) ۾ نه ويو آهي، سو ڪڏهن بـ سٺي ڪهاڻي لکي نـ سگهندو." (شيخ، 1998، 51)

سندس اهڙن افسانن ۾" ڪالي شلوار "به مشهور آهي، جنهن ۾ سلطانه نالي هڪ طوائف جي ڪهاڻي بيان ڪيل آهي، جيڪا هڪ شهر کان ٻئي شهر جڳهه مٽائڻ جي نتيجي ۾ گراهڪ نه اچڻ سبب پريشان آهي. مٿان وري محرم جو مهينو اچي وڃي ٿو ۽ ڪوٺي تي رهندڙ سيئي عورتون محرم جي تياريءَ ۾ مشغول ٿي وڃن ٿيون، پر سلطانه وٽ ايترا ڏوڪڙ به ڪونه آهن، جو هوءَ محرم ۾ پائڻ لاءِ ڪارا ڪپڙا خريد ڪري سگهي. منٽو ان عورت جي نفسيات ۽ ڪشمڪش کي هن طرح پيش ڪيو آهي:

"محرم کا مہینا سر پہ آرہا تھا مگر سلطانہ کے پاس کالے کپڑے بنانے کے لیے کچھ بھی نہ تھا مختیارنے لیڈی ہیملیٹن کی ایک نئی وضع کی قمیص بنوائی تھی جس کی آستین کالی جارجٹ کی تھی، اس کے ساتھ میچ کرنے کے لیے کالی ساٹن کی شلوار تھی۔ انوری نے ریشمی جارجٹ کی ایک سفید ساڑھی خریدی تھی۔ اس نے سلطانہ سے کہا تھا کہ وہ اس ساڑھی کے نیچے سفید بوسکی کا کوٹ پہنے گی۔ سلطانہ نے جب یہ تمام چیزیں دیکھیں تو اس کو اس احساس نے بہت دکھ دیا کہ وہ محرم منانے کے لیے ایسے لباس کی استطاعت نہیں رکھتی۔"

(اي بي اشرف، 2003، 116)

انهيءَ پريشاني ۾ هوءَ پئسن جي اٿهوند سبب پنهنجي ڪنن جا ٽاپس وڪڻي محرم ۾ پائڻ لاءِ ڪاري شلوار خريد ڪري ٿي. منٽو هن ڪهاڻي ۾ انهن عورتن جي، مذهب لاءِ احترام ۽ يقين کي ظاهر ڪرڻ سان گڏ سندن خواهشن ۽ احساسن کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ان کان علاوه سندس ان موضوع تي لکيل ڪهاڻين ۾ "جانڪي، خوشيا، هتڪ" وغيره شامل آهن. منٽو انهن عورتن بابت ڪهاڻيون لکيون، جن کي معاشري ٺڪرائي ڇڏيو هو. ان کان علاوه منٽو جنسيات جي موضوع تي پڻ بهترين افسانـ تخليق ڪيا آهن، جن ۾" بُو"، " بلائوز" "اوپر نيچي اور درميان " "بدصورت "وغيره شامل آهن. منٽو ڪل 234 افسانه لکيا آهن، جن ۾ هن جي هڪ مشهورڪهاڻي هتڪ تي "شعور حقيقي جنرل" جو پورو پرچو شايع ٿيل آهي .

ڊاڪٽر صادق سندس افسانن تي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته :

"منٹو کے افسانے بے باکانا حقیقت نگاری اور فنی ضبط وتوازن کی بھترین مثال ہیں۔ یہیں خوبیاں عصمت چغتائی کے افسانوں میں بھی نظر آتی ہیں۔ منٹو کے ہاں سماج کے نچلے طبقے کے عموما ایسے کرداروں کی کثرت ہے جو سماج میں اپنی اھمیت تو رکھتے ھیں لیکن عزت نہیں رکھتے، جس کی ضرورت تو محسوس کی جاتی ھے

لیکن ان سے محبت نہیں کی جاتی ،جنہیں سماج کا اعلیٰ طبقہ اپنے مفاد کے لیے استعمال کرتا ہے ، لیکن ذلیل اور پست سمجھتا ہے ۔ بظاہر ذلت و پستی میں گذارنے والے ان افراد کی معصومیت، نیکی،دردمندی اورانسانیت کو منٹو نے اپنے افسانوں میں پیش کیا ہے۔"

(صادق، 1994، 369)

جهڙيءَ ريت نقادن جو خيال آهي ته منٽو جي فن ۽ فڪر تي گورڪي، چيخوف ۽ فرائيڊ جي لکڻين جا اثر نمايان هئا، اهڙيءَ ريت سنڌي افسانه نگارن جي ڪيترن ئي افسانن تي منٽو جي افسانن جا اثر به نمايان نظر اچن ٿا. هيٺ اهڙا ڪجهه مثال ڪهاڻين جي مختصرجائزي سان گڏ پيش ڪجن ٿا.

ورهاڱي کان اڳ منٽو جو لکيل افسانو "نيا قانون " ۾ انگريز سرڪار کان نفرت جو کليل اظهار نظر اچي ٿو. منٽو جي ان افساني جي پيٺ شيخ اياز جي افساني "سفيد وحشي" سان ڪجي ته ڪهاڻيءَ جي موضوع جي ٿوري مٽ سٽ کان سواءِ ساڳيو فڪريعني انگريز سامراج سان نفرت جو اظهار ٻنهي جي ڪهاڻين ۾ نظر ايندو. مثال منٽو جي ڪهاڻي جون هي سٽون ته:

"استاد منگو کو انگریزوں سے بڑی نفرت تھی۔ اور اس نفرت کا سبب تو وہ یہ بتلایا کرتا تھا کہ وہ ہندستان پر اپنا سکہ چلاتے ہیں۔ اور طرح طرح کے ظلم ڈھاتے ہیں۔ مگر اس کے تنفر کی سب سے بڑی وجہ یہ تھی کہ چھاؤنی کے گورے اسے بہت ستایا کرتے تھے۔ وہ اس کے ساتھ ایسا سلوک کرتے تھے گویا وہ ایک ذلیل کتا ہے۔ اس کے علاوہ اسے ان کا رنگ بھی بالکل پسند نہ تھا۔ جب کبھی وہ گورے کے سرخ وسپید چہرے کو دیکھتا تو اُسے متلی آ جاتی۔ نہ معلوم کیوں وہ کہا کرتا تھا کہ ان کے لال جھریوں بھرے چہرے دیکھ کر مجھے وہ لاش یاد آ جاتی ہے جس کے جسم پر سے اوپر کی جھلّی گل گل کر جھڑ رہی ہو۔"

(بیگ، 1991، 514)

پوءِ جڏهن منگو کي ٽانگي سواريءَ دوران ٻن وڪيلن جي گفتگو مان اها خبر ملي ٿي تہ پهرين اپريل تي هندستان ۾ نئون قانون لاڳو ٿيندو، جيڪو هندستانين جي حقن جو ضامن آهي، تڏهن هو وقلجي هڪ انگريز گوري کي، جنهن هن سان سال اڳ سواري دوران شراب جي نشي ۾ يا حڪومت جي زور تي، منگو جي ڏاڍي بيعزتي ڪئي هئي، سو ان کي ڏسي منگو کي نئون قانون ياد اچي ويو، ۽ هن ان کي ڏاڍي مار ڪٽ ڪئي، جنهن سبب هن کي جيل ۾ وڌو وڃي ٿو، جتي هن تي اها حقيقت آشڪار ٿئي ٿي ته اهڙوڪوبہ قانون ڪونهي، جيڪوغريب، بيوس ۽ بي پهچ ماڻهو جي سهائتا ڪري سگهي.

شيخ اياز جي ڪهاڻي "سفيد وحشي" جو جائزو وٺبو تہ اها به انگريز خلاف نفرت جو برملا اظهار نظراچي ٿو، جنهن جو اندازو ڪهاڻي جي هنن

سڻن سان ڪري سگهجي ٿو ته “سفيد وحشي اسان جي عزت غيرت ۽ محبت جا خوني سفيد وحشي صديق جو مغز ڦري وجي ٿو. هي صدريءَ جي کيسي مان چاقو ڪڍي در کي لت هڻي اندر ڏوڪي آيو هڪ ٻيو ۽ ٽيو سولجر در کيرائي آدم مڇيءَ جيان در تي ڦٿڪڻ لڳو.” (شيخ، 1998، 142)

**ممد ڀائي:** منٽو جوافسانو “ممد ڀهائي” پڙهي ڏسبوته هن ۾ ممد ڀائيءَ جو ڪردار جيڪو بظاهر هڪ غنڊي جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي، تنهن جي ڪردار کي منٽو ايڏي ته ڪاريگريءَ سان چٽيو آهي، جنهن کي پڙهڻ سان هن ڪردار جي لاءِ نه صرف عزت پيدا ٿئي ٿي، پرمحبت جو جذبو پڻ بيدار ٿئي ٿو. منٽو بدمعاش جي نقاب ۾ هڪ اهڙي سچي، نيڪ ۽ نرم دل انسان جي ڪهاڻي پيش ڪري ٿو، جيڪو ڪنهن کي به تڪليف ۾ ڏسي نٿو سگهي، ايستائين جو هڪ ڏينهن هڪ عورت جي عزت لٽيندڙ شخص کي ان عورت جي فرياد تي قتل ڪري ٿو ۽ ان سلسلي ۾ جيل وڃي ٿو، پر پوءِ عرب گلي جي سيني ماڻهن سان چڱائي ڪرڻ سبب ڪوبه هن خلاف شاهدي نٿو ڏئي ۽ هي باعزت بري ڪيو وڃي ٿو، پر هن کي اهو افسوس اندر ۾ ڳاري وجهي ٿو تـ هن جنهن ماڻهوءَ جو خون ڪيو هو، ان کي هن چاقو پيٽ ۾ پاسيرو هنيو هو، جنهن سبب هو دير تائين تڙپي تڙپي مُئو هو. هن کي جيئن ته چاقو هلائڻ تي مهارت حاصل هئي، ان ڪري هن کي ان شخص کي اهڙو ڏکيو موت مارڻ نه گهرجي ها. ۽ اها آنڌ مانڌ هن کي ايترو تـ بيچين ڪري ٿي، جو هو عدالت مان تـ ڇٽي وڃي ٿو، پرپوءِ اها عرب گلي ڇڏي هليوٿو وڃي.

ڪهاڻيءَ جون هي سٽون سندس ڪردار تي چٽي روشني وجهن ٿيون:

*“میں صبح سویرے اپنی کھولی سے نکل جاتا تھا اور بہت رات گئے لوٹتا تھا۔ لیکن مجھے ممد بھائی سے ملنے کا بہت اشتیاق تھا۔ کیوں کہ اس کے متعلق عرب گلی میں بے شمار داستانیں مشہور تھیں کہ بیس پچیس آدمی اگر لاٹھیوں سے مسلح ہوکر اس پر ٹوٹ پڑیں تو وہ اس کا بال تک بیکا نہیں کرسکتے۔ ایک منٹ کے اندر اندر وہ سب کو چت کردیتا ہے۔ اور یہ کہ اس جیسا چھری مار ساری بمبئی میں نہیں مل سکتا۔ ایسے چھری مارتا ہے کہ جس کو لگتی ہے اسے پتہ بھی نہیں چلتا۔ سو قدم بغیر احساس کے چلتا رہتا ہے اور آخر ایک دم ڈھیر ہو جاتا ہے۔ لوگ کہتے ہیں کہ یہ اس کے ہاتھ کی صفائی ہے”۔* (اشرف، 2003، 163)

ساڳي طرح اياز قادري جو افسانو “ٻلو دادا” ۾ پڻ اهڙو ڪردار ڏيکاريو ويو آهي، جو پنهنجي پاڙي جي ماڻهن جي حفاظت هڪ دادا جي روپ ۾ ڪري ٿو ۽ ان ڪري پاڙي جا ماڻهو هن کي عزت جي نگاهه سان ڏسن ٿا . ڪهاڻيءَ جون هي سٽون ٻلو جي ڪردار کي واضح ڪن ٿيون ته ” ٻلو هڪ موٽي سيٺ کي گردن کان جهليو بيٺو آهي. ‘سالا حرامي، جيڪڏهن

توکي ڪار نٿو هلائڻ اچي ته ڪار چو هلائي ٿو!' سيٺ ڪرڙيءَ وانگر پئي ڦٽڪيو. 'ڇا اوهان سيٺيا دنيا جي نشي ۾ ايترو انڌا ٿي ويا آهيو جو غريبن جي مٿان اکيون ٻوٽي ڪارون ٿا چاڙهيو!' مون وچي بلوءَ کي پٺيان پاڪر وڌو. منهن ورائي دانهن ڪيائين، 'سائين ڏسو، هي حرامخور کهڙو نه بي پرواهيءَ سان ڪارون ٿا هلائين. غريب ڇوڪري مٿان ڪار چاڙهيو اٿس. ان کي اسپتال ڇڏڻ بدران، ڪار ڀڄائي ٿو وڃي!' ائين چئي هڪڙو زور سان چنبو وهائي ڪڍيائينس. مون ڪٽي سندس هٿ روڪيو. ڪجهه سندس جوش گهٽيو. سيٺ کي چيائين،"ڪڻ هن ڇوڪري کي ڪار ۾." (قادري، 1955، 163) ساڳي ڪهاڻي جي هڪ ٻي واردات ۾ بلو چئي ٿو ،"سائين، ٻهرين ڳالهه ته ٻڌ، رات ڇا ٿيو. ٿي حرامزادا سوٽيل بوٽيل، پاڙي جي ڇوڪرين جي پٺيان پيا ڦرن. ڀلا سائين، تون چئو، اهڙي وقت، بلو بس ڪري وهي؟ ٻه ٿي لپاٽون هٽي، سالن کي سبق سيکاري ڇڏيم. "

مان سوچ ۾ پئجي ويس، ڇا، بلو سچ مچ غنڊو هو؟" (چانڊيو، 2007، 29)

بلو دادا کان پوءِ اهو بدمعاش جي روپ ۾ شريف ماڻهوءَ جو ڪردار سنڌي ڪهاڻي اندر غلام رباني جي "شيدو ڏاڙيل" جمال ابڙي جي "بدمعاش" ۾ پڻ نمايان نظر اچي ٿو.

جنسيات تي لکيل ڪهاڻيون:

منٽو اهو ليکڪ هو، جنهن جنس تي سڌو سنئون لکيو. سندس جنس تي لکيل ڪهاڻيون جنسي لذت حاصل ڪرڻ لاءِ لکيل نه آهن، پر سماجي حقيقتن تي مشتمل آهن، انهن ڪهاڻين ذريعي منٽو اهو ڏيکارڻ چاهي ٿو ته ڪيئن سماج جا بظاهر شريف نظرايندڙ چهرا پنهنجي جنسي تسڪين لاءِ عورت جو استحصال ڪن ٿا، پوءِ اها عورت نوڪري ڪرڻ واري هجي يا گهريلو عورت هجي، غريب ۽ لاچار عورت هجي يا ڪوٺي تي ويٺل طوائف هجي. اهي ئي مرد آهن، جيڪي سندن استعمال هڪ ٽشو پيپر جيان ڪري، ڪيس ڦٽو ڪري ڇڏين ٿا. منٽو پنهنجي افسانن ۾ اهڙن ڪردارن جي ڀرپور نندا ڪري ٿو .'هتڪ' جو حوالدار "ماڌو" هجي يا "سڙڪ ڪي ڪناري" جو نيرين اکين وارو ان هيرو جو ڪردار هجي، جيڪو پنهنجي هڪ عورت جي جسم مان خواهش پوري ڪري ٿو، پر هن کي اڌورو ڪري سندس وجود جا ٽڪرا ڪري هليو وڃي ٿو. يا وري" الله دتا "ڪهاڻي جو اهو منافق پيءُ جو ڪردار هجي، جيڪو پنهنجي جنسي اڃ پنهنجي ڌيءُ زينب مان اجهائي ٿو ۽ ګڏوګڏ ننهن تي به ميري نظر رکي ٿو. منٽو اهڙن سڀني ڪردارن کي بي نقاب ڪري سندن اصليت بيان ڪري ٿو، بقول ممتاز شيرين جي ته:

"معاشرے کی بدی، بدصورتی اور گندگی کو اس نے بہت قریب سے دیکھا اور زندگی کے زہر کو اس طرح چکھا کہ اس کی تلخی کام و دہن سے گذر کر رگ و پے میں اتر گئی۔ زندگی کے مشاہدے اور تجربے میں منٹو نے اپنے آپ کو مومی شمع کی طرح پگھلایا اور زندگی کے ایسے پہلوئوں کو پوری جرات بے باقی اور بے رحم صداقت کی ساتھ پیش کیا جنہیں چھونے کی ہمارے ہاں بہت کم ادیبوں کو جرات ہو سکتی تھی۔" (فرخي، 1985، 155)

گڏوگڏ هو مذهب جي نالي تي غريب ماڻهن جي ضعيف الاعتقادي کي پنهنجي ڪهاڻي" ڪرامت بابا "۾ ڏاڍي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ هن هڪ ننڍ ماڻهوءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو ڳوٺ جي سادي سوچ رکندڙ ماڻهوءَ کي مذهب جي فريب ۾ آڻي، سزا جزا جا ليڪا ڪري ،نه صرف سندس مال ۽ ملڪيت کائي وڃي ٿو، پر سندس ننگن ذيءُ ۽ زال جي بهعزت لٽي پچي وڃي ٿو ۽ اهي ابوجهه بي سمجهه ماڻهو ان کي الله جي طرفان موڪليل هڪ بزرگ سمجهي، پنهنجي تباهيءَ کي به پنهنجي خوش نصيبي مڃي خوش ٿين ٿا. سنڌي افسانه نگارن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، نجم عباسي ۽ امرجليل ان موضوع تي تمام گهڻيون ڪهاڻيون لکيون آهن، جن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي جون ڪهاڻيون "مرشد جي ڏاڙهي "، "وهابيءَ جي سزا"، "مرشد جي زال" ۽ نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون"ڪرامت"،" پير لوڻ"،" چوڏو"، "دعا ۽ تاڙيون "، امر جليل جون ڪهاڻيون "اروڙ جو مست"،" پلصراط "، "چتي ڪتي جو موت" ۽ ٻيون ڪيتريون ڪهاڻيون مذهب جي نالي ڌوڪو ڪائيندڙ ابوجهه ماڻهن جي ضعيف الاعتقاديءَ جي تصويرڪشي ڪندي نظراچن ٿيون، پرهتي جيئن ته اسان جو موضوع گهڻي ڀاڱي منٽو جي جنس تي لکيل ڪهاڻين تي مبني آهي، ان ڪري اسان اهڙين ڪهاڻين کي مدنظر رکيو آهي، جيڪي گهڻي ڀاڱي ان موضوع تحت لکيل آهن. مثال منٽو جي ڪهاڻي 'دُهوان' جنهن ۾ هو ننڍي عمر جي ٻار مسعود جو ڪردار پيش ڪري ٿو، جيڪو ڇهين ڪلاس ۾ پڙهي ٿو ۽ بلوغت واري عمر ڏي وڌي رهيو آهي ۽ هن ۾ ڪجهه تبديليون ظاهر ٿي رهيون آهن ۽ انهن جسماني تبديلين سبب هن کي دڪان تي تازو ذبح ٿيل ٻڪريءَ جي کل لهڻ کان پوءِ رکيل گوشت ڦڙڪندي محسوس ٿئي ٿو ۽ گهر ۾ وري پنهنجي ڀيڻ کي لتون ڏيندي ٽنگن جي جڳهه تي نرم گوشت جو ڇهاءُ به هن کي ساڳي حيرت ۾ مبتلا ڪري ٿو. منٽو ان ٻار جي نفسيات جو ڪنهن ماهر نفسيات دان جيان جائزو وٺي ٿو ته ڪيئن ان ٻار جي اندر ۾ تبديل ٿيندڙ هر ڪيفيت ان کي ان عمر ۾ حيران ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ جون هي سٽون ته "مسعود اهڙين ڳالهين بابت سوچي رهيو هو، جنهن جو مطلب هو پاڻ به سمجهي نه پئي سگهيو. هو انهن ڳالهين کي

محسوس ته ڪري رهيو هو، پر ان جو مطلب سوچ کان مٿي هو، پر انهن سوچن ۾ ڪيس مزو ضرور اچي رهيو هو." (منگي، 2012، 77)

ان ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ ان ٻار کي مجرم ڪونه ٿو سمجهي، ڇو ته اسان جي معاشري ۾ سيڪس تي ڳالهائڻ گناهه برابر آهي ته پوءِ اهي ننڍا ٻار جيڪي بلوغت جون ڏاڪڻيون چڙهي رهيا هجن، انهن کي انهن شين بابت ڄاڻ صرف پنهنجي مشاهدي ڪرڻ مان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي. انهي ڪشمڪش ۾ هو هاڪي کي پڇڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، منٽو هن افساني ۾ ڪٿي به ان ٻار کي فحش حرڪتون ڪندي ڪونه ٿو ڏيکاري، بس هن جي اندر ۾ ڪجهه سوال آهن، جيڪي هن کي پريشان ڪري رهيا آهن، انهن بابت آگاهي ڏئي ٿو.

سندس لکيل هڪ ٻي ڪهاڻي "بلائوز" به ان موضوع کي بيان ڪري ٿي. منٽو جنس جو جائزو مختلف زاوين کان پيش ڪري ٿو. مثال سندس ڪهاڻي " بُو "جنهن تي پڻ فحش نگاريءَ جا الزام لڳايا ويا هئا، ان ۾ رنڌير نالي هڪ شخص برسات جي هڪ رات هڪ ڇوڪريءَ سان اتفاق سان ملي ٿو، جيڪا ڪارخاني ۾ ڪم ڪندي آهي ۽ جڏهن هو برسات جي ڪارڻ هڪ ٻئي جي ويجهو اچي وڃن ٿا، تڏهن ان ڇوڪريءَ جي جسم مان نڪرندڙ بوءِ جنهن کي هو ڪڏهن مهڪ ٻو ته ڪڏهن مهڪ خوشبو پائي ٿو ۽ اها بوءِ، هن جي اندر ائين سمائجي وڃي ٿي، جو هو ڪيترن سالن کان پوءِ جڏهن شادي ڪري ٿو، ته باوجود ان جي ته سندس زال خوبصورت، امير ۽ ان وقت خوشبو سان معطرآهي، پر هو، ان وقت به ان ڇوڪريءَ کي ياد ڪري رهيو هو، جنهن جي جسم ۾ عجيب قسم جي بوءِ هئي، جنهن هن جي دل ۽ دماغ ۾ هميشہ لاءِ واسو ڪري ڇڏيو هو .ڪهاڻيءَ جون هي سٽون ان جي ڪيفيت کي چڱيءَ طرح بيان ڪن ٿيون ته:

"ساری رات رندھیر کو اس کے جسم سے ایک عجیب قسم کی بُو آتی رہی تھی۔ اس بُو کو جو بیک وقت خوشبو بھی تھی اور بدبُو بھی۔ وہ ساری رات پیتا رہا۔ اس کی بغلوں سے، اس کی چھاتیوں سے، اس کے بالوں سے، اس کے پیٹ سے، جسم کے ہر حصّے سے یہ جو بدبُو بھی تھی اور خوشبو بھی، رندھیر کے پورے سراپا میں بس گئی تھی۔" (رشید احمد، 2009، 83)

هن ڪهاڻي ذريعي منٽو ٻڌائڻ چاهي ٿو ته انسان جو اصل حسن فطري هوندو آهي، مصنوعي حسن صرف ان کي ظاهري خوبصورتي ڏئي سگهي ٿو.

سنڌي افسانه نگارن ۾ غلام نبي مغل ۽ منير احمد مانڪ به اهڙ ليکڪ هئا، جن جنسيات تي ڪهاڻيون لکيون آهن. اهي ڪهاڻيون پڻ جنسي

لذت حاصل ڪرڻ جو ذريعو نه آهن، پر اهي جنس جي حوالي سان مختلف ذهني ڪيفيت رکندڙ ماڻهن جي نفسيات جي عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻيون آهن.

مثال غلام نبي مغل جي ڪهاڻي” ککو پلو چام تماچي الرجي “پڻ اهڙي ئي موضوع کي بيان ڪري ٿي، جنهن ۾ هڪ شهري آفيسر جي بدلي ڳوٺ ۾ ٿئي ٿي، جنهن کي هر قسم جي مٽي، دز ،گند ۽ بوء کان نفرت آهي، خاص ڪري، مڇي پلي کان ته کيس شديد الرجي آهي ۽ هو هر وقت پنهنجي نوڪرن کي صابڻ سان هٿ ڌوئڻ جي تاڪيد ڪندو رهي ٿو. پر هڪ ڏينهن جڏهن، هن جي زال پنهنجي پيءُ جي آپريشن سبب شهر وڃي ٿي، تڏهن رات جو سندس نوڪر جي زال زينا هن کي اڪيلو ڏسي، مٺو ڏيندي ناز مان چئي ٿي ته ”چا صاب تو ڏنو به چاهي؟ اهي صابڻ سان ڌوتل گسيل بدن. بس نه ! صاب انهيءَ پلي ۾ ڪهڙي لذت جنهن کي پاڻي منجهه ڌوئي ڌوئي ترجي. پلي جي لذت ته تڏهن آهي، جڏهن جيئرو جاڳندو ڦٽڪندو پلو دريا مان ڪڍي رڌيس ۽ پوءِ کائي تـ ڏس، چپ بـ چٽيندين ته آڱريون به. پڇاڙي جو چلر به نه ڇڏيندين.“(مغل، 1989، 219)

تڏهن اهو شهري آفيسر ان ادا تي هرڪجي، ساڻس گڏ رات گذاري ٿو. غلام نبي مغل مرد جي ٻٽي معيار واري رويي کي بيحد فنائتي نموني بي نقاب ڪري ٿو .

هن جي هڪ ٻي ڪهاڻي ”ريشمي وار “پڻ هڪ انوکي موضوع کي بيان ڪري ٿي، جيڪا پيشي ور عورت (طوائف) جي ڪهاڻي آهي، جيڪا پنهنجي گراهڪن جي رحم وڪرم تي زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. هڪ ننڍي عمر جو گراهڪ سندس بغل جا وار ڏسي بُچان مان هن کي پئسا ڏئي چوي ٿو ته ،اهي وار بالصفا وٺي، صاف ڪري ڇڏ- جڏهن ته هڪ وڏي عمر وارو سيٺ رحيم انهن وارن تان ٻلهار ٿيندي، کيس چوي ٿو ته ”الماس! تنهنجا هي وار ڏاڍا سٺا آهن .مونکي انهن کي ڏسي اهي کهريون بغلون سوچي ڏاڍي بچان پئي اچي، جي وار ڪوڙي ڪوڙي اهڙيون پوائنٽيون ۽ کهريون ٿي ويون آهن جڻ اهي هنڌ عورت جي جسم جا ئي نـ هجن. اهڙو ريشم هن جڳهه مان نڪري ٿو ۽ تون هن کي بال صفا سان صفا ڪري ٿي ڇڏين.“ (مغل، 1978، 97)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ان عورت جي ذهني ڪشمڪش کي ليکڪ ڏاڍي اثرائتي انداز سان بيان ڪيو آهي. منٽو جيان غلام نبي مغل به انهن سماجي روين جي ننڊا ڪري ٿو، جيڪي جنس کي صرف لذت ماڻڻ جو ذريعو سمجهن ٿا، ۽ ڪنهن ٻئي ماڻهو جي خواهشن جو قتل ڪن ٿا. مغل جي انهن ڪهاڻين کان علاوه جنس تي لکيل ٻين ڪهاڻين ۾ “باهه ۽ برف”، “ٻوساٽ” وغيره شامل آهن. شمس الدين عرساڻي سندس ڪهاڻين تي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته“مغل جون ڪهاڻيون سماجي ماحول جي انهن پهلوئن کي ڇهن ٿيون، جن

۾ مرد ۽ عورت جي جنسي چڪتاڻ ۽ رغبت جو عڪس هوندو آهي. سندس ڪهاڻين کي پڙهڻ سان معاشري ۾ پوندڙ ڦوٽ ۽ ٽٽندڙ اخلاقي قدرن جو لامحاله احساس جاڳي ٿو ۽ انسانيت جو مسخ ٿيل مهاندو نظر اچي ٿو.” (عرساڻي، 1984، 410)

سنڌي افسانه نگارن ۾ منير احمد ماڻڪ پڻ اهڙو افسانہ نگار هو، جنهن پڻ جنس جي موضوع تي ڪهاڻيون لکيون، ان جي فڪر تي پڻ منٽو جي افسانن جا اثر چٽا نظر اچن ٿا. هن منٽو وانگي حياتي به تمام گهٽ ماڻي، ۽ هو بي انتها تنقيد جو نشانو پڻ بڻيو. سندس اهڙين لکيل ڪهاڻين ۾ “حويليءَ جا راز” اهميت جوڳي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هن جاگيرداري سماج ۾ عورت جي حقن کي غضب ڪرڻ سان گڏوگڏ اهو پڻ انڪشاف ڪيو آهي ته ڪيئن وڏيرو پنهنجي ڌيءُ جي شادي قرآن سان رچائي ٿو، جنهن سبب هوءَ چوڪري گناهه ۽ ثواب ۾ الجهي ،جنسي مونجهارن جو شڪار بڻجي وڃي ٿي. نتيجي ۾ هوءَ پنهنجي ئي حويلي ۾ ڏڏ وڻڻ لاءِ ايندڙ هڪ الهڙ نينگر کي ڪجهه پئسا ڏيئي، پنهنجي جنسي اڃ اجهائي، پنهنجي ذهني توڙي جسماني آسودگي حاصل ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ جون هي سٽون ڪهاڻيءَ جي سڄي وايومنڊل کي ظاهر ڪن ٿيون.

“ساهه روڪي لاڳيتو ڳالهائڻ ڪري، حڪيم جو سينو پرجي آيو ۽ وات مان بگهو ساهه ڪڍي اڳتي چوڻ لڳو، “آخر هي ڪيستائين قهر جا ڪوٽ رهندا، نيٺ ته ڪرندا. ڏيئن سان ظلم ته ڏسو، انسان جي قرآن سان شادي! سا به زائفان! حڪيم جالينوس جو قول آهي ته عورت کي مرد کان چاليهه دفعا وڌيڪ نفسياتي خواهش ٿيندي آهي. چڱو ڪيائين، نه ته حويلي ۾ عمر ڳري وڃيس ها. عمر، جيئن ٻين ٻيبين جون عمريون پيون ڳرن. هُون! قرآن سان ٿي عورت پرڻجي. واهه ڙي سنڌ جا سيد). (ماڻڪ، 2003، 15)

ممتاز مهر هن ڪهاڻيءَ تي نظر وجهندي لکي ٿو ته ”هن ڪهاڻيءَ ۾ منير احمد سنڌ ۾ زوال پذير جاگيردارانه سماج جي هڪ خراب رسم ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ نتيجن کي نهايت فنائتي ۽ سادي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. منير احمد اها شاهڪار ڪهاڻي لکي چڻ ته سنڌ جي ان ڌهندڙ نظام جي حويلين تي هڪ زبردست شيل ڦٽو ڪيوآهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪيس ان ڪهاڻي لکڻ تي ڪن حلقن طرفان گاريون ۽ ڌمڪيون ڏنيون ويندڙيون هيون.” (مهر، 2013، 74)

منٽو جي ڪهاڻين جو ٽيون وڏو موضوع ورهاڱو ۽ ان جا سانحا آهن، جن ۾” ڪولدو“،”شريفن“، ”ٽوبہ ٽيڪ سنگ “وغيره شامل آهن. پنهنجي ڪهاڻي “ڪولدو” ۾ هو سماج جي ٻٽي معيار کي بي نقاب ڪري ٿو، جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو ته فسادن جي آڙ ۾ ڪيئن پنهنجا هم قوم ۽ هم مذهب ماڻهو انهن وڳوڙن ۾ گم ٿيل نينگري سڪينه جي پاڻ ئي لچا لٽ ڪن ٿا ۽ پيءُ کي

بـ آسرو ڏين ٿا ته هن جي ڏيءُ جلد هن کي ملي ويندي. ان ئي موضوع تي لکيل سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ”ٺنڊا گوشت“ به آهي، جنهن ۾ هو ان سک جي ذهني ڪشمڪش کي بيان ڪري ٿو، جيڪو ورهاڱي جي فسادن ۾ ڦرلٽ دوران هڪ ڇوڪري کي ڪٽي جهنگ ۾ زيادتي جو نشانو بنائي ٿو، جيڪا ان زيادتيءَ کان ڪجهه وقت اڳ ئي مري چڪي هئي. پر هن کي(سک) ان جي خبر پوءِ پئي ٿي ۽ هن جو ضمير هن تي ملامت ڪري ٿو ۽ هو ان ڪشمڪش ۾ ڪيترائي ڏينهن پنهنجي محبوبه کان دور گذاري ٿو، ۽ سندس محبوبه هن کي بي وفا سمجهي، هن جو قتل ڪري ڇڏي ٿي.

ائين ئي پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ ٻئي ورهاڱي بنگلاديش جي ٺهڻ بعد پيدا ٿيندڙ حالتن جي عڪاسي ڪندڙ امرجليل جي ڪهاڻي ”سرد لاش جو سفر“ آهي، جنهن ۾ پڻ هڪ هندو خاندان کي سنڌ سان محبت ڪرڻ جي ڏوھ ۾، لڏائڻ جو بهانو وٺي لچالٽ جو شڪارڪيو وڃي ٿو. ڪهاڻيءَ جون هي سٽون ڪهاڻيءَ جي موضوع کي چٽو ڪن ٿيون ته ”جتي ڌيئرن ۽ ڀينرن جي عزت گهرن ۾ گهٽين ۾ لٽجي وڃي، اتي اهڙي ملڪ ۾ رهي ڇا ڪبو“ . چيم ” هو جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن، خدا جي راهه ۾ ۽ خدا جي خوشنوديءَ لاءِ ڪري رهيا آهن، اسان دوزخي ڪافرن کي ان تي اعتراض نـ هئڻ گهرجي. هن ڪهاڻي تي راءِ ڏيندي پروفيسر پيرسرهندي لکي ٿو ته”مونکي انگريزي ۽ اردوءَ جي افسانوي ادب پڙهڻ جو تمام گهڻو موقعو مليو.سرد لاش جو سفرپڙهيم ته مونکي منٽو جو ”ٺنڊا گوشت“ ذهن تي تري آيو، جنهن هندستان جي ادبي دنيا ۾ طوفان مچائي ڇڏيو هو.“ (سرهندي، 2016، 253)

ائين ٻين به ڪيترن ئي سنڌي افسانه نگارن جي فن ۽ فڪر تي منٽو جي افسانن جا اثر نمايان طور تي نظر اچن ٿا، پر موضوع جي طوالت سبب مختصر ڪهاڻين جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

منٽو بنيادي طور تي هڪ حقيقت نگار يا ڪٽي چئجي ته تلخ حقيقتن کي بيان ڪرڻ وارو ليکڪ هيو، جنهن معاشري جي منهن تان شرافت، ڪوڙ، ڍوڪي ۽ فريب جو نقاب لاهي ڦٽو ڪيو، ۽ ماڻهن کي سندن اصل سڃاڻپ کان متعارف ڪرايو هو، جنهن سبب اهي ماڻهو پنهنجو اصلي چهرو ڏسي نه پئي سگهيا ۽ نتيجي ۾ هن تي تهمتن جا تير وسايا ويا، ڪڏهن هن کي ملحد ته ڪڏهن غدار، ڪڏهن فحش نگار ته ڪڏهن شرابي سڏيو ويو. ائين ڪيس هر قسم جي بهتانن سان هن کي نوازيو ويو، ۽ هن جي مختصر زندگيءَ ۾ مٿس ڪيترا ئي مقدمـ هلايا ويا. ساڳيءَ ريت مٿي بيان ڪيل سنڌي افسانه نگارن کي پڻ ساڳي مخالفت ۽ الزامن سان نوازيو ويو هو، پر اها به پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت آهي تـ هنن ليکڪن سماج جي جن تلخ

حقيقتن کي پنهنجي فن ۽ فڪر جو موضوع بنائي پيش ڪيو هو، اهي لکڻيون اڄ به پڙهندڙن ۾ مقبول ۽ مشهور آهن.

**حوالا:**


رشيد، احمد (2009)، پاڪستاني ادب 1947 کان 2008 انتخاب افسانہ اردو، اسلام آباد: اڪادمي ادبيات پاڪستان.

سيد، عاشور قاظمي (1994)، ترقي پسند ادب: پچاس سالا سفر، ترتيب: پروفيسر قمر رئيس، دلي: ايجوڪيشنل پبلشنگ هائوس.

شاهه، نورالهديٰ (2003)، حويلي جا راز، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

شيخ اياز، (1998)، جي تند برابر توريان، سهيڙيندڙ: هڪڙو، انور فگار . ڪراچي: سنڌ اڪيڊمي.

عباسي، نجم. (2016). جديد انقلابي فڪر جو ترجمان. حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن

عرساڻي، شمس الدين(1982). آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر. چام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

مرزا، حامد بيگ، (1991 ). منٽو، نيا قانون اردو افساني ڪي روايت: 1903 سي 1990 تڪ.

مغل، غلام نبي (1989). سٽ ستر اسي. حيدرآباد: سهڻي پرنٽرز

مغل، غلام نبي (1978 ). رات منهنجي روح ۾. حيدرآباد، سنڌ: نيو فيلڊ پبليڪيشن

منٽو، سعادت حسين (1952). اوپر نيچي اور درمايان. لاهور: ناشران گوشہ ادب، انار ڪلي چوڪ.

ڪالي شلوار. (2003). منٽو ڪي بيس ڪهانيان. ترتيب: ڊاڪٽر اي بي اشرف ۽ ڊاڪٽر انوار احمد. ملتان: بهاءُ الدين ذڪريا يونيورسٽي.

منگي، بشير. (2012). منٽو جا سو سال. لاهور: ٽي اينڊ ٽي پبلشر

ممتاز شيرين،(1985). منٽو نوري نه ناري، مرتب: آصف فرخي. ڪراچي، سنڌ: مڪته اسلوب

ممد پائي، (2003). منٽو ڪي بيس ڪهانيان. ترتيب: ڊاڪٽر اي بي اشرف ۽ ڊاڪٽر انوار احمد. ملتان: بهاول الدين ذڪريا يونيورسٽي.

مهر، ممتاز . (2013). ويچار: ادبي تنقيد ۽ اپياس. ڪراچي: نئون نياپو اڪيڊمي.